THE AGA KHAN UNIVERSITY

**Project screening consent Form**

تحقيق جو شروعاتي معائني وارو راضي نامو

| | |
|---|---|
| **<u>پروجيڪٽ جو عنوان:</u>**<br>**حاملا عورتن جي ننڍي آنڊي ۾ ماحولياتي اثر جي ڪري ٿيندڙ خرابي کي بهتر بڻائڻ لاءِ انسان دوست جراثيم جي صلاحيت کي جانچڻ : بنگلاديش، پاڪستان، سينيگال ۽ زيمبيا ۾ ٿيندڙ هڪ تجرباتي مطالعو (ايم پي آئي جي ايچ)** | |
| Funded by: BMGF | ERC Approval Number: 2022-6889-22802<br>NBC Approval Number: No.4-87/NBC-850/22/493<br>DRAP Approval Number: F. No.03-20-2022-CT (PS.) |
| Principal Investigator:<br><br>Professor Asad Ali, Pakistan | Organizations:<br><br>Department of Paediatrics & Child Health, Aga Khan University, Karachi, Pakistan |
| Project Locations: Matiari | Contact Number(s):<br>021-34864955 |
| **Participant DSS ID:** | |

Matiari Research & Training Centre

هي تحقيق هڪ گهڻ مُلڪي مطالعو آهي جنهن جي مالي مدد بل ۽ ميليندا گيٽس فائونڊيشن پاران ڪئي وئي آهي . هن مطالعي ۾ پاڪستان ( آغا خان يونيورسٽي)سان گڏوگڏ ٻيا ملڪ بنگلاديش ( آءِ، سي، ڊي ڊي آر، بي ) زيمبيا (ٽروپان) ۽ سينيگال شامل آهن. هن مالي ساهتا جو مقصد انهن ملڪن ۾ هڪجهڙي تحقيق وسيلي حاملا عورتن ۽ ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ عورتن ۾ غذائيت جي انتظام جي لاءِ نئين انسان دوست جراثيم تي ٻڌل دوائن لاءِ دستاويز جوڙڻ آهي.

<u>تحقيق جو مقصد</u>

توهان جي آنڊن ۾ مختلف قسمن جا جيوڙا هوندا آهن جن کي جُزا سڏيو ويندو آهي ، انهن ۾ بيڪٽيريا ، وائرس ۽ هڪ جيوگهرڙي وارا جيوڙا شامل آهن. انهن سيني کي آنڊي جا جُزا سڏبو آهي. اهي جُزا توهان جي جسم جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۽ سني صحت لاءِ انتهائي ضروري آهن، اهي توهان جي کاڌي کي هضم ڪرڻ ۽ غذائيت سان ڀريل جزن کي جزب ڪري غذائيت کي بهتر ڪري سگهن ٿا . جڏهن اسين بيمار ٿيندا آهيون يا مختلف پيچيدگين جو شڪار ٿيندا آهيون ته اها حالت اسان جي جسم جي سُني صحت کي واڌارو ڏيڻ وارن انسان دوست جُزن جي مرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي، جڏهن ته نقصانڪار جُزن جي تعداد کي وڌائڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي.

ماحولياتي اثر جي ڪري آنڊن ۾ خرابي هڪ گهٽ سمجهه ۾ ايندڙ حالت آهي جيڪا اهڙن علائقن ۾ پکڙيل آهي جتي صفائي سٿرائي جو نظام نه هئڻ جي برابر آهي. ماحولياتي اثر جي ڪري آنڊي جي خرابي ، غذائي ڪمي ، اڻ پوري ذهني نشونما ، ننڍو قد، وات وسيلي ويڪسين جو ٻه اثر ٿيڻ ۽ بيمارين جو اهم سبب آهي، ان جي ڪري سڄي دنيا ۾ هر سال 25% سيڪڙو ٻار متاثر ٿي رهيا آهن ۽ 10 لکن کان وڌيڪ موت جو شڪار ٿي رهيا آهن